# ڪاري رات

سج، آٿڻ کان اڳ، ساڌورام کي گلابي ڪرڻن سان سلام ڪيو، مگر ساڌورام سلام وراڻڻ جي موڊ ۾ ئي نه هو. "چڱو ٺيو، اهو به ڀڄي ويو." اها هئي سندس من جي ڌارڻا. ڪوئي سندس ڪڙهندڙ من کي ڏسي وٺي آن کان وڌ بري ڳالهه ڪهڙي ٿي ٿي سگهي. زال مڙس جي جهيڙي ۾ ٽناڪڙن جو ڪهڙو دخل؟

سندس ٻٽرڪ چا ساڍو باقاعدي هن جي سنڌل وٿان لنگهي پنهنجن گهرن ۾ هليا پئي ويا، پر ڪنهن کي به همت نه ٿي، اهو پڇڻ جي ته "ساڌورام ڇو اڄ ڏاڍي تاوَ سان ويٺو آهين؟" سڀ پنهنجيءَ وسام ۾ ئي ٻورا هئا، ڪنهن کي رکي آهي ٻئي جي ٻرڻ جي تانگهه!

اوچتو ڏيڍو رڙيون ڪندو ٻاهر نڪتو، "بابا، آميءَ ڪاسليٽ جو دٻو ڪٿي مٿان ليٿايو آهي."

"نه ڏئي نه تهلي! ڇو ماچيس نه ٿو ليئس ڇا؟" ساڌورام ٻوڙي دڪائڻ لڳو.

جانڪي سچي ڪاسليٽ ۾ ٻڏل، ٻاهر نڪري آئي. ٻار ڪري ۾ ڏڪ ساڌورام جي پيءَ ٿي وهائي ڪيائين. "راڻ ته هونءَ ئي ٿي، باقي ته ڪين ڏينم..."

ٻنهي ٻارڙن جي ٻارن ۽ ماڻهن جو ڇڱو خاصو ميڙاڪو مڙي آيو ۽ جانڪيءَ جا ٻار سندس ٽنگن کي چنبڙي پيا. جانڪي سڏڪندي سڏڪندي مٿن ٻه سڏڪارا ڪڍندي وئي، ”پري ٿيو مٺا، مون کي ري ٻاهه جلايو آٿس، اڄ سچيءَ ٻاهه ۾ جلي ڏيکاريندينسانس. ڪيڏانهن ويو ماچيس؟ او ڇورا، او چنڊال! هيڏانهن ڏي، ٻيهه ته... ڏي مون کي ماچيس....“

ڏيهي ماچيس ٻرهان ٻاهر ڪسيءَ ۾ آڇلائي ڇڏيو. جانڪيءَ ٻه قدم ڏڪي وڃي پڪڙيس ۽ خوب زور سان سٽڪو ڪڍيائينس. هو وڏيڪ مار ملڻ جي ڊپ کان خميس ڦاڙائي ٻه سندس هٿن مان نڪري ويو.

جانڪي اندر وڃي پٽ تي ويهي ڇاتي پٽڻ ۽ مٿو پٽ سان سٽڻ لڳي — ”هاءِ! منهنجيءَ کي موت ٻه نصيب ۾ ناهي. الاجي ڪهڙيءَ ويل، هن نانگ سان پلئه آنڪيو؟ اڙي! هاڻي ڇني ڇوريءَ کي، ناهي پيڪو، ناهي ماڪو. اڙي راوڻ، تو ته منهنجو جيئڻ ڏي زهر ڪري ڇڏيو آهي....!“

پاڙي وارن، ڪن گهڙي ڇڻ آعزا پرسي ڪئي — ”سيڻي جا حال ڏسڻ وٽي. هرڪو پيو ڪِن ڏئي. نه ته هھڙي مهانگائيءَ ۾ پلا جيئڻ آهي؟ نه....“

ڏيري ڏيري ساري هٿوسٿو ٿري وئي. ساٿورام ساڳيءَ طرح صندل تي چپ ويٺو هو. سندس نظر سامهون مل جي چمنيءَ ۾ کتل هئي. هيءَ ويچاري ٻه سچو

ڏينهن ڏونهين کي آسمان ڏانهن ڀڄائڻ جو ڪم ڪندي رهي هئي ۽ هاڻي هڪ ٽڪ تي ٽپسيا ڪندڙ ساڌوءَ جيان چپ ڪري هئي.

جيئن جيئن رات چڙهندي ٿي ويئي، تيئن تيئن بتين جي روشني جهڪي ٿيندي ٿي ويئي. هاڻي صندل وٽان ڪوئي ڪونه ٿي لنگهيو. روز جي آهر اڄ ٻار جيئن ڪمري اندر ويا هئا تيئن ٿي چپ هئا. ساڌورام ڪيتري وقت کان پوءِ منهن ورائي ڏٺو؛ اک سان ڪمري کي ڏٺو. ٻار فراسين تي آهليا پيا هئا. جاڏڪي پٽ تي کٽڙي ٿي پيئي هئي.

پري ڪاٿي ريل ڪوڪڻ لڳي. ساڌورام کي بدن ۾ سيڙو پئجي ويو. اکيون مهٽي چوڌاري نظر ڦيرايائين. سڀني گهرن ۾ بتيون وسامي چڪيون هيون پوءِ به ڪيس ڪمري ۾ اندر وڃڻ تي دل ٿي نه ٿي. ڪمري مان اڃا به ڄڻ ڪنهن شام واري جهيڙي جا آواز پئي ٻڌڻ ۾ آيا....

”روز دال ماني ٿا ساڌو ڪاڪا!“

”نه ته ٻوڙ پلاءُ رڌي رکانءِ.“

”اڙي ٻر ماني ته سٺي هجي. اسان لاءِ سٺيءَ ڪڻڪ جي به پرلءِ ٿي ونئي؟“

”پيسا ڏين ته سٺي ڪڻڪ به آڻي رکان.“

”پيسا رکو پئسا. سڄو پگهار آڻي ٿو ڏيانوَ، ٻيو ڇاهو ڪاڻيندس ڇا؟“

”تون نه ڦاڙيو ڪاغذ، باقي مون کي سو قرض ڏيڻو ائين، جو وٺي چڪي چڪي ڏيانءِ.“

”ڇا ڏنو ائين؟ ڪهڙا ماڻهن وٽان ٽڪا ڪٺي آڻي آهين؟“

”ڇانگ ٻارن جي ڪيئن ٿي ڪاٽي، ائين ڪا خبر؟ مون کي ڇانورن جو ڪٺو ڪونه ڇڪايان. سمورا ڇانور ٻلاڪ ٿي وڪٽي اچان، تڏهن وڃي ٿي اها ڳرهي ڪٽڪ جي ماني به نصيب ٿئي. شڪر ڪري ته ڪاڻجي.“

”شڪر وڙي ڏوڙ جي ڪرهان نڙيءَ ڪان گرهه ٿي نه ٿو هيٺ لهي.“

”منهنجي ڏوسان توبهه آهي. مان ته تنهنجي هڪڙي مک کي به نه ٿي پڙي سگهان. هوڏانهن ٻارن جا آهن سؤ مک. سؤ ٿي ٻکيا رهجيو تا وڃن. مون کي، ڪڙو گندڻ، ڇا نه ڪڍي؟ ڪتابن ڪاپين تي جدا پنج ڪن. ڏول ڊنگ جا ته مون لاءِ وڻ ٿي سڙي ويا آهن....“

”ته وٺ نه هي به. ٻر وڃي انهن واسينگن جا سؤ مک! ايڏه پوت تي آيئي مانيون. پٺسان، ڪڏهن ڪو سڻو ڪاڏو به ڪارائين؟“

”اِها آڪڙ مون کي نه ڏيکار. هڪو لڪ ڪونه آڻي ڏنا ائين مون کي. مان ڪيئن وڃي پورت ڪريان، سا رکي منهنجي تن کي خبر آهي. توکي ته آهي بس ڇشڪو.“

”ماڻ ڇشڪا وٺو وڃان؟ هان....“

”هڻ هڻ. ڀئو به پادر هڻ. سوڻ کي به اڄ هٽڪ هٽڪائي ڪرڻي آهي. مار جهڙو مارڻو اٿيئي. ديوتا مان ڦري دَٽ ته ٿيو آهين. هاڻي ڏسڻ، اڳيو ڀوءِ نڙيءَ تي نهن نه چڙهي پوان، هن روز جي گهوڙيءَ ۾ ڪٽ پٽ ڪان...“

”چوازءِ ته ٿو، سچ پچ نڙيءَ تي نهن ڏيئي پڙڪيندو ساڻس. نه ته اهڙا جيب اندر رک.... جي ڏيءَ تنهنجو دماغ ڦريا ويو آهي!“

”دماغ ڪيئن نه ڦرندو؟ هن کي ڪتاب ڪونهي، هن کي پين ڪانهي، هن کي چمپل ڪانهي ۽ هوءِ چيا ساماڻي آهي! نياڳي چوي، آئين آني جو هار وٺي ڏسڻ. هو نيلڙو ته سيني ڪان ٿي آنر آهي، سچو ڏينهن ٿو، آڻل وٺي ڏي، ڏول وٺي ڏي ڪري....“

”انهن کي به پُونيو ڪانه هٿندين؟“

”انهن کي به گهٽا ني پونيا هٿان. پڳوان، جهجل حبي دل ڏيهه بدران پٽر جو تڪر ڪٽي ٿو نسيم ها چاتيءَ اندر، ته لچي تم نه مران ها. ويچارن کي گهٽي گهٽي به ڪيترو گهٽيان؟ آڪين ڍڪيل ڏسين، ته وڏو ڪا ...جي لوڙي ڪانه اٿس. پن مڱ جي پن وڳن مان ... هلان. تو کي سمجهي آهي طعامن ڪاڻي جي!“

”.... جي ڏيءَ توکان طعام ڪنهن گهريا آهن؟ ... ڏينهن جهڙو وهي گهر ۾ ايندو، تنهن کي ... آهه جهڙو گرهه ته ڏي نه.“

”اڄ ڀي پر ڪهڙو ڇهڙو گرهه به اچي ڪٿان؟ ڏڪر لڳو پيو آهي. ماڪ ۾ دال، مٽڪ، جوئترا، ڀاڄيون جنهن شيءِ کي هٿ لاءِ، تنهن تي باهه ٻري پئي آهي. مان به وڃان ته ڪهڙي وهه وڃان؟ اهي ڀُونگڙا نه هجن ها ته وڃي ڪنهن جي نوڪري نفري ڏي ڪريان ها“

”ڦٽو ڪري اڄين ڪنهن مندر ڏڪاڻي ۾ .... جا اولاد اِهي مل وارا، اسان جو پگهار وڌائيندي رت چوسن تا ۽ هوڏانهن لک خرچ ڪري ڏڪاڻو وڃا جوڙائين .... جا ڦر، هنن جيترن ٺاڪرن تي ڀوڳ ڪونه چاڙهيندا، باقي ٺڪر جي ٺاڪرن کي ڀوڳ ڏيکاري پنهنجي پيٽ ۾ هڻندا. ۽ هوڏ سرڪار به انهن پئين پريلن جو بچاءُ ڪندي پر اسان غريبن کي پڇندي به ڪانه ...“

”سري رام! سري رام!! ڇا تو ڳالهائين، ڀڳوان لاءِ! اڄمي وٺي ته اڄن به نڪري وڃا اٿئي ....“

”تيري نام، تيري نام تي ڪريون. ڪوڙ ته ڪونه تو بڪان؟“

”ڪوڙ تو پائين؟“

”ڪوڙ تو پايان، هان ڪوڙ تو پايان، هان ...“

”آڙي، ماري رکيائيم .... مٺا، مون سان ڇو تو وڙهين. وڃي سرڪار سان وڙهه نه. انهن مل وارن کي مڙسي ڏيکار نه .... مون کي ته نه مار ....“

... آن ڪان پوءِ هو تمام گهٽو گوڙ. ڪيترا ڏي پاڙي وارا اندر گهڙي آيا هئا ۽ ساڌورام کي ڪيترن

هتي جنهن، اچي صندل تي وهاريو هو. ساڌو رام محسوس ڪيو، آهي هت ڪيس هميشه لاء هن صندل مان ڇهڻاڻي ويا آهن ۽ جاڻڪي جڻ سچ پچ پاڻ کي ساه ڏيڻي ڇڏي آهي....

ساڌو رام جي اکين اڳيان هڪ نظارو ڦري ويو - ساه ۾ چرڪندڙ هڪ مورتي، جو آڪار ڪڙو ٿي ويو، هي موت مان وڙهندڙ مورتي پاڻهون هٽندي، واڪا ڪندي باروت جي ڦرڪي، وانگر ڦرندي رهي ۽ اوسي پاسي جهڪي به گهر هئا، تن جي اڳيان وڃي ڪري پيئي. ڪمڪراٽن جي گهمسان ٿي گهٽيءَ ٻاهر اچي ورگهت تيا، پر ڪوئي ڪجهه به نه ڪري سگهيو. ساه جي ڏيڻ ۾ وڪوڙيل هي، مورتي ڦٽڪي ڦٽڪي ڍيري ٿي پيئي. تازي ماس جي جلڻ جي بانس، ساه کڻڻ به مشڪل ڪري ڇڏيو....

ساڌو رام محسوس ڪيو، سندس ساهه سچ پچ گهٽجي ويو هو. ڪيس لڳو ڪوئي ڪرڙ ڪرڙ جو آواز سندس سيني مان خود به خود پئي نڪتو. اکيون مٿي چوڌاري نظر ڦيرايائين. رستي جي بتي، مان گهرن جو آنڌڪار گهٽجي ويو هو. پري ڪٿي ڪٿي ڪتي اونائڻ شروع ڪيو. هڪ ڪني ڪاري رات جو ساڌو رام کي ڪتي جو اونائڻ ڏاڍو برو لڳو، پر کيس محسوس ٿيو، ڪاڻي ناڙيل تار سندس ڇاتي، اندر زهر ڪري ٿي پيئي ۽

ڏري پيئي سندس دل. ڏور تائين هو خميس جي پاڇن سان اکيون اُگهندو رهيو. پوءِ آٿي ڪمري اندر ويو.

غريباڻو گهر. نه کٽ، نه پلنگ. ٻار هيٺي هئي فراسين تي سمهيا پيا هئا. جانڪي گاملٽ وارن ڪپڙن سان ڍڪي ڪٻڙي ٿي، پٽ پر پيئي هئي. ساڌو رام سندس پر ۾ هيٺ پٽ تي ويهي رهيو. جانڪي ڪل تي هلندڙ رانديڪي جيان آٿي ويهي. ساڌو رام سندس ڪلهي تي هٿ رکي چيو، "آٿي ڪپڙا مٽاءِ."